هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

14th July 2016



رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه

## امام اهلسنت جو شوقِ علمِ دين

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف (مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

سركارِ نامدار، ٻنهي جهان جا مالك ۽ مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خُوشبودار آهي: جڏهن جُمعرات جو ڏينهن ايندو آهي،اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملائكن كي موكليندو آهي جن وٽ چانديءَ جا كاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن اهي خميس ۽ جُمُعي جي رات مون تي كثرت سان دُرُودِ پاك پڙهڻ وارن جا نالا لكندا آهن.(1)

كيوں كهوں بيكَس ہوں ميں، كيوں كهوں بے بَس ہوں ميں
تم ہو ميں تم پر فِدا تم پہ كروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل كرڻ خاطر بيان ٻڌڻ كان پهريان سٺيون سٺيون نيتون كيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ المُؤمِنِ خَيرٌ

1...كنز العمال،كتاب الاذكار،الباب السادس فی الصلاة ...الخ ،الجزء۱،۱/۲۵۰،رقم:۲۱۷۴

www.dawateislami.net

مِّن عَمَلِهٖ.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهٽڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شَوّالُ المُڪرَّم جو مهينو پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي. هي اهو بابرڪت مهينو آهي جو جنهن ۾ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت ٿي. انهيءَ مُناسبت سان اڄ اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذِڪرِ خير ڪيون ٿا، سندن جو مختصر تَعارف ۽ سندن جي علمِ دين جي شوق بابت واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. جيئن

## اعليٰ حضرت جو تعارف

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت بريلي شريف جي مَحلّي جَسولي ۾ ڏهه (10) شَوّالُ

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

المُكرَّم ١٢٧٢ه چنڇر جي ڏينهن بَوقتِ ظُهر بمطابق چوڏهن (14) جُون 1856ء تي ٿي.[1] اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ خانداني لحاظ کان پٺاڻ، مَسلڪ جي لحاظ کان حنفي، طريقت جي لحاظ کان قادِري ۽ وِلادت واري هنڌ جي لحاظ کان بريلوي هئا. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي والد سڳوري جو نالو مولانا نقي علي خان(رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) ۽ ڏاڏي جو نالو مولانا رضا علي خان (رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) هو.[2] پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو پيدائشي نالو "محمد" آهي، امڙ سائڻ "اَمَّن مياں" سڏيندي هئي، والدِماجد ۽ ٻيا رشتيدارن "احمد مياں" ۽ ڏاڏي "احمد رضا" نالو رکيو. سندن تاريخي نالو "اَلْمُخْتَار" آهي، اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پاڻ پنهنجي نالي کان پهريان "عبدُالمصطفٰي" لکندا هئا.[3]

مصطفٰی کا وہ لاڈلا پیارا | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی
غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هاٿي ڪتاب وٺي وڃڻ جي حاجت ناهي!

خليفهٔ اعليٰ حضرت،مِلڪ العُلَما حضرت علّامه مولانا مُفتي ظفرُ الدّين بِهاري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ بيان فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت (هند جي هڪ علائقي) پيلي ڀيت ۾ حضرت وَصي احمد (مُحدِّثِ) سُورتي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي گهر مهمان هئا، هڪ ڏينهن گفتگو دوران فِقْه جي هڪ ڪتاب جو تذڪرو ٿيو، اهو ڪتاب مُحدّثِ

1...حياتِاعليٰحضرت،١/٥٨ملخصاً
2...فاضل بریلوی علمائے حجاز کی نظر میں،ص٦٧بتغیر قلیل
3...تجلیات امام احمد رضا، ص٢١بتغیر قلیل

سُورتي جي لائبريري ۾ موجود هو، ڪتاب جو نالو ٻڌندي ئي اعليٰ حضرت فرمايائون: ”مون (اهو ڪتاب) ناهي ڏٺو، (بريلي واپس) وقت، اهو ڪتاب مون کي ڏجو.“ حضرت مُحدِّثِ سورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان کي بخوشي قبول ڪيائون ۽ ڪتاب کڻي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي پيش ڪيو پر گڏ اهو به فرمايائون: جڏهن مُلاحَظہ فرمائي وٺو ته واپس موڪلجو، ان ڪري جو اوهان وٽ ته گهڻا ڪتاب آهن مون وٽ اهي ڪجهه ڪتاب آهن جن ذريعي مان فتاويٰ ڏيندو آهيان .“ اعليٰ حضرت ان کي قبول فرمائي ورتو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي انهيءَ ڏينهن بريلي روانگي هئي پر هڪ جانثار مُريد جي دعوت جي وجه سان هڪ ڏينهن وڌيڪ ترسڻو پيو. رات ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان ڪتاب جو مطالعو فرمايائون، جڏهن ٻئي ڏينهن بريلي واپس وڃڻ جو وقت آيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مُحدّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي اهو ڪتاب واپس ڪري ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايائون: ”قصُد (ارادو ته) بريلي کڻي وڃڻ جو هو ۽ جيڪڏهن ڪلهه ئي وڃان ها ته هن ڪتاب کي گڏ کڻي وڃان ها، پر جڏهن ڪلهه وڃڻ نه ٿيو ته رات جو ۽ صبح جي وقت سڄي ڪتاب کي ڏسي ورتو آهي، هاڻي کڻي وڃڻ جي حاجت نه رهي.“حضرت محدثِ سورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نهايت حيرت سان فرمايائون:” بس هڪ ڀيرو ڏسڻ ڪافي ٿي ويو؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو:” الله تعالي جي فضل ۽ ڪرم سان اُميد آهي ته ٻن ٽن مهينن تائين ته جتي عبارت جي ضرورت هوندي، فتاويٰ مان لکي وٺندس ۽ مضمون ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄي عمر جي لاءِ محفوظ ٿي ويو.“ (حياتِ اعلي حضرت، ١/٢١٣ماخوذاً )

اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

علم و عِرفاں کا جو کہ ساگر تھا — خير سے حافِظہ قَوی تر تھا
حق پہ مَبنی تھا جس کا ہر فتوٰی — واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اعليٰ حضرت، امام اهلسنَّت مولانا شاه امام احمدرضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي دل ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو ڪيتري قدر گهڻو هو جو اهو ڪتاب جنهن کي عام طور سمجهي ڪري مُطالعو ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڏو عرصو درڪار هوندو آهي پر قربان ٿيون، اعليٰ حضرت جي علمِ دِين جي شوق تي جو هڪ رات ۾ سڄو ڪتاب اوّل تا آخر نه صرف پڙهي ورتو بلڪ اهڙو ذِهن نشين به فرمائي ورتو جو پاڻ ارشاد فرمائن ٿا: الله تعالي جي فضل ۽ ڪرم سان اُميد آهي ته پن ٽن مهينن تائين ته (هن ڪتاب مان) جتي عبارت جي ضرورت هوندي، (پنهنجي) فتاويٰ ۾ لکي وٺندس ۽ مضمون ته اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ سڄي عمر جي لاءِ محفوظ ٿي ويو. "پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي هن قول سان اها حقيقت روشن سج جيان واضح ٿي وئي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه وقت جي اَهميت ۽ علمِ دِين جي مقام ۽ مرتبي کان خُوب واقف هئا.

## علمِ دين حاصل ڪرڻ جو حيرت انگيز جذبو

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي سڄي زندگي علم حاصل ڪرڻ ۽ علم ڦهلائڻ جي لاءِ وقف ڪيل هئي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ڪا گهڙي به بيڪار نه گذرندي هئي، علم حاصل ڪرڻ جو اهو مُبارڪ سفر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي چڪو هو، ان جو سبب اهو هو جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو تعلق خالص مذهبي ۽ علمي گهراڻي سان هو. سندن والدِ گرامي ۽ ڏاڏا سائين به عالمِ باعمل هئا. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ننڍپڻ کان علم ِ دِين جي شوق جو اهو عالَم هو جو بنا ڪنهن جي چوڻ جي پاڻ ئي پڙهڻ جي لاءِ ويندا هئا، جُمعي جي ڏينهن وڃڻ چاهيو پر والدِ مُحترم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي منع ڪرڻ تي رُڪجي ويا ۽ پاڻ اهو سمجهي ورتو ته هفتي ۾ جُمعي جي ڏينهن جي تمام گهڻي اَهميت آهي

تنهنڪري هن ڏينهن نہ پڙهڻ گهرجي، باقي ڇهہ(6) ڏينهن پڙهڻ جا آهن.[1]

تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اندر علمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا ڪيون ۽ خُوب محنت ۽ چاهہ سان علمِ دِين حاصل ڪيون ۽ بِلا وجہ سُستي ڪري علم جي برڪتن سان هرگز محروم نہ رهون. اچو! حُصُولِ علمِ دِين جو شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٽي (3) فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا.

(1)مَنْ خَرَجَ فِي طَلَبِ الْعِلْمِ فَهُوَ فِي سَبِيْلِ اللّٰهِ حَتّٰي يَرْجِعَ جيڪو شخص طلبِ علم جي لاءِ گهران نڪتو تہ جيستائين واپس نہ موٽي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهي.
(ترمذي،ڪتاب العلم،باب فضل طلب العلم،حديث:٢٩٣/٤،حديث: ٢٦٥٦)

(2)جيڪو صبح مسجد ۾ نيڪي سکڻ يا سيکارڻ جي لاءِ ويو ان جي لاءِ مڪمل حج ڪرڻ واري وانگر اجر (لکيو ويندو) آهي. (الترغيب والترهيب،ڪتاب العلم،الترغيب في الرحلة في طلب العلم،٧٥/١،حديث:١٣٦)

(3)جنهن کي هن حال ۾ موت آيو جو اهو علم کي ان ڪري طلب ڪري رهيو هو جو اسلام کي زنده ڪري تہ ان جي ۽ انبيا عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي وچ ۾ جنت ۾ هڪ درجي جو فرق هوندو.
(دارمي،باب في فضل العلم و العالم،حديث:٣٥٤، ١١٢/١)

علم و عِرفاں کا جو کہ ساگر تھا خیر سے حافِظہ قَوی تر تھا
حق پہ مَبنی تھا جس کا ہر فتوٰی واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ عِلْمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهران

---

1...حياتِ اعلى حضرت،٦٩/١ بتغير قليل

www.dawateislami.net

نڪرڻ وارن تي الله عَزَّ وَجَلَّ جون ڪيتريون ڪرم نوازيون ٿينديون آهن جو اهي خُوش نصيب جيستائين واپس نه موٽن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ شُمار ڪيا ويندا آهن، انهن جي اعمال نامي ۾ حج ڪرڻ وارن برابر ثواب لکيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن طالبِ علم جو انهيءَ حالت ۾ انتقال ٿئي ته ان ڪي جنّت ۾ بُلندوبالا درجات سان به نوازيو ويندو آهي، ان ڪري اسان کي به حُصُولِ علم جي انهن فضائل کي ماڻڻ جي لاءِ علمِ دِين حاصل ڪرڻ گهرجي. علم حاصل ڪرڻ جي لاءِفقط اَمِيرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نگرانِ شوريٰ ۽ ٻين مبلغن جي بيانن، اُستادصاحب کان ٻڌل ڳالهيون، يا ڪنهن ڪتاب جي ڪن ڪن هنڌن تا منتخب مدني گل ڪيڻ تي اِڪتفا نه ڪيو وڃي بلڪ پنهنجي محنت ۽ مُطالَعي جي شوق جي ذريعي مڪتبةُ المدينہ جا ڪتاب ۽ رسالا اول تا آخر هر هر مُطالعو ڪيو، اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو ۽علم جو شوق به وڌندو.

## سبق ياد ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ جو دلنشين انداز

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمدرضاخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اُستاد صاحب کان ڪڏهن به چوٿائي(1/4) ڪتاب کان وڌيڪ نه پڙهيو پر اوهان جي مطالعي جو شوق ۽ ذهانت جو هي عالَم هو جو چوٿائي(1/4) ڪتاب اُستاد کان پڙهڻ کان پوءِ باقي تمام ڪتاب جو پاڻ مُطالَعو ڪري ۽ ياد ڪري ٻڌائيندا هئا.

(حياتِ اعليٰ حضرت،١/٧٠)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پاڻ پنهنجي علمِ دِين جي شوق ۽ قوتِ حافظي کي بيان ڪندي فرمائن ٿا منهنجا استاد جنهن وٽ مان شروعاتي ڪتاب پڙهندو هئس جڏهن مون کي سبق پڙهائيندا هئا هڪ ٻه ڀيرو ڏسي ڪري ڪتاب بند ڪري ڇڏيندو هئس، جڏهن سبق ٻڌندا هئا ته حرف به حرف لفظ به لفظ ٻڌائي ڇڏيندو هئس، روزانو اها حالت ڏسي ڪري استاد صاحب کي سخت تعَجُّب ٿيندو هو،

هڪ ڀيري مون کي فرمائڻ لڳا تہ احمد ميان! اهو تہ ٻڌايو تہ توهان انسان آهيو يا جِنّ؟ جو مون کي پڙهائيندي دير لڳندي آهي پر توهان کي ياد ڪرڻ ۾ دير ناهي لڳندي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي مان انسان ئي آهيان، ها الله عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم شاملِ حال آهي. (تذکرہ امام احمد رضا، ص ۵، حياتِ اعلیٰ حضرت ج ۱ ص ۶۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو ڪيترو شوق هو جو سندن جا اُستاد صاحب سبق پڙهائي فارغ ٿيندا هئا ۽ پاڻ هڪ بہ ڀيرا پڙهي سبق ياد ڪري وٺندا هئا، اُستادِ محترم اوهان جي علمي جذبي ۽ قُوتِ حافظہ کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا تہ ايتري ٿوري وقت ۾ اهو بار ڪهڙي طرح پنهنجو سبق زباني ياد ڪري وٺندو آهي. پر اڄڪلهہ اسان جي حافظن جو هي حال آهي جو اسان کي نهايت آسان ۽ ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ هر هر پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي باوُجُود ياد نٿيون رهن بالفرض ڪا شيءِ ياد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي بہ وڃون تہ اهو جلدي وساري ڇڏيندا آهيون. جيڪڏهن اسان پنهنجي حافظي کي مضبوط بنائڻ چاهيون ٿا تہ سڀ کان پهريان حافظو ڪمزور ڪرڻ وارن سببن کي پري ڪرڻو پوندو، مثال طور بلا اجازتِ شرعي پنهنجي يا ڪنهن ٻئي جي اوگهڙ ڏسڻ، سٽيپ واري، ڪٽي ۽ بلغم پيدا ڪرڻ واريون شيون کائڻ ۽ خاص ڪري رات ڏينهن گُناهن جي اِرْتڪاب کان بچڻو پوندو چاڪاڻ تہ حافظي جي ڪمزوري جو هڪ وڏو سبب اسان جي گُناهن ڀري زِندگي بہ آهي. تنهنڪري پنهنجي حافظي کي مضبوط بنائڻ، عذابِ الٰهي کان ڇوٽڪارو ماڻي جنَّت جي اَبَدي نعمتن کان لُطف ماڻڻ جي لاءِ زِندگي کي غنيمت سمجهندي گُناهن کان پاسو اختيار ڪيو ۽ توبہ واستغفار جو معمول بڻايو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ضَرور ڪرم ٿيندو.

حُجَّةُ الْاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:

www.dawateislami.net

جيڪڏهن تون جلدي توبهه ڪندين تہ اُمِيد آهي تہ جلد ئي گناهن تي اِصرار جي مرض جو خاتمو ٿي ويجي ۽ گُناهن جي خرابي جو بار تنهنجي ڪنڌ تان لهي وڃي گناهن جي ڪري جيڪا دل جي سختي پيدا ٿيندي آهي ان کان هرگز بي خوف نہ ٿي، پر هر وقت پنهنجي دل تي نگاهہ رک، ڇو تہ ڪجھہ صَالِحِين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين فرمايو آهي تہ بيشڪ گناهہ ڪرڻ سان دل ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ دل جي ڪاراڻ جي نشاني اها آهي تہ گناهہ ڪندي گهٻراهٽ ۽ پريشاني ناهي ٿيندي، طَاعَت (يعني عِبادت) جي لاءِ موقعو ناهي ملندو، نَصِيحت مان ڪو فائدو ناهي ٿيندو (يعني نصيحت ۽ بيان ٻڌي دل تي اثر ناهي ٿيندو) اي عزيز! ڪنهن گناهہ کي معمولي نہ سمجھہ ۽ ڪبيرہ گناهن تي اِصرَار ڪرڻ جي باوجود پنهنجو پاڻ کي تائب (توبہ ڪرڻ وارو) گُمان نہ ڪر ..

( منهاج العابدين ،ص٦٩ ،غيبت کي تباه کاريان ،ص٤٢٩)

ميں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یا ربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو حافظو مضبوط ڪرڻ جا ڪجھہ نُسخا بہ ٻڌون ٿا:

**ترڪ گناهہ** (يعني گناهہ ڇڏي ڏيڻ) حافظي جي قوت جو بهترين مددگار آهي. ★حرام روزي کان بچڻ بہ قوتِ حافظ جي مضبوطي جو سبب آهي★ اسان جيڪو بہ علمِ دين سکون، اُن تي عمل ڪيون ★ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي حافظي جي مضبوطي جي لاءِ دعا ڪيون "اي منهنجا مالڪ

www.dawateislami.net

ومولاعَزَّوَجَلَّ!تنهنجو عاجز ٻانهو تنهنجي بارگاهه ۾ حاضر آهي ، اي اللهعَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي دين جو علم حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو پر منهنجي يادداشت منهنجو ساٿ ناهي ڏيندي، اي هر شيء تي قادر رب عَزَّوَجَلَّ!تُون پنهنجي ڪامل قدُرت سان منهنجي ڪمزور حافظي کي قوي ڪري ڇڏ ۽ مون کي وسرڻ واري بيماري کان نجات عطافرماءِ .اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ★ هر وقت باوضو رهڻ جي ڪوشش ڪيو، باوضو رهڻ جو هڪ فائدو ته هي آهي جو اسان کي سنت تي عمل سان گڏوگڏ خود اعتمادي جي دولت ۽ احساسِ ڪمتري کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.★ حافظي جي قوت بيدار ڪرڻ ۾ ننڊ جو به عمل دَخل آهي، ان ڪري سمهڻ ۽ جاڳڻ جا اوقات مقرر ڪيو ۽ ننڊ جي وقت ۾ سمهڻ جي علاوه هر ڪم کان پاسو ڪيو. ننڊ ختم ڪرڻ وارين دوائن جو استعمال هرگز نه ڪيو. هن ڳالهه جو خاص خيال رکو جو سمهڻ واري جڳهه ۾ ڪنهن قسم جو ڪو گوڙ شور نه هجي ۽ نه ئي اتي ڪنهن قسم جي تيز روشني هجي ته جيئن ننڊ کان جيڪو مطلوب آهي اهو حاصل ٿئي ★ قوتِ حافظ جهڙي انمول نعمت جو شڪر ادا ڪنداسين ته اللهعَزَّوَجَلَّ ان ۾ برڪت عطا فرمائيندو گهٽ قوتِ حافظ واري جي قوتِ يادداشت ۾ اضافو ٿيندو ۽ پهريان کان قوي حافظ رکڻ واري جي يادداشت ۾ وڌيڪ قوت پيدا ٿيندي.

۽ حافظو مضبوط ڪرڻ جي لاءِ مكتبةُ المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب”حافظه ڪيسے مضبوط هو؟“ جو مُطالعہ ڪيو. هن ڪتاب ۾ بُزرگانِ دين جا حيرت انگيز واقعا ۽ قوتِ حافظ وڌائڻ جي لاءِ ديسي، طبي ۽ روحاني علاج به ڏنا ويا آهن. اوهان هن ڪتاب کي مكتبةُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان هديةً طلب ڪري سگهو ٿا ۽ دعوتِ سلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهڻ، ڊاؤن لوڊ ڪرڻ ۽ پرنٽ آؤٽ ڪرڻ جي به سهولت موجود آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت جي رِياضي داني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امام اهلسنَّت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عقل وفهم ۽ عِلْمِ دِين سان مَحَبّت جو عالَم اهو هو جو پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنجاهه علوم ۾ قلم کنيو ۽ قابل قدر ڪتاب تحرير فرمايا. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي هر فن ۾ ڪافي قابليت حاصل هئي، عِلمِ تَوقِيت ۾ ته ايتريقدر ڪمال حاصل هيو جو ڏينهن ۾ سج، ۽ رات جو ستارا ڏسي گهڙي ملائيندا هئا ته وقت بلڪل صحيح هوندو هو ۽ ڪڏهن هڪ منٽ جو به فرق نه ٿيو. (اهڙي طرح) رياضيءَ جي علم ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا.(تذکره امام احمدرضا،ص ٦) پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: (علمِ رياضي ۾) منهنجو ڪو اُستاد نه آهي، مون پنهنجي والدِ ماجد کان صرف چار (4) قاعدا جمع، ڪٽ، ضرب، ونڊ رڳو ان ڪري سکيا جو ترڪي (يعني وراثت) جي مسئلن ۾ انهن جي ضرورت پوندي آهي، شرح چَغْمِيني شروع ڪئي هئي ته والدِ ماجد فرمايائون چو پنهنجو وَقْت هن ۾ خرچ ڪيو ٿا، پياري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سرڪار مان اهي علم توهان کي پاڻ ئي سيکاريا ويندا. (فيضان اعلي حضرت،ص٥٥٠)

علمِ رياضي ۾ مَهارت جو هڪ دلچسپ واقعو ڪجهه ائين ملي ٿو ته عليڳڙهه يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر ڊاڪٽر ضياءُالدين جنهن رياضيءَ ۾ غير ملڪي ڊگريون ۽ تمغا حاصل ڪيا هئا، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خدمت ۾ رياضي جو هڪ مسئلو پُڇڻ آيا، ارشاد فرمايائون: فرمايو، انهن چيو: هي مسئلو اهڙو ناهي جنهن کي ايترو آسانيءَ سان عرض ڪيان، اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: ”ڪجهه ته ٻڌايو“ وائيس چانسلر صاحب سوال پيش ڪيو ته اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن انهيءَ وقت ان جو مطمئن ڪندڙ جواب

ڏنو، انهن کي ڏاڍي حيرت ٿي، تمام گهڻي تعجب مان چوڻ لڳا تہ مان ان مسئلي جي لاءِ جرمني وڃڻ چاهيو پئي تہ اتفاق سان اسان جي دينيات جي پروفيسر مولانا سيّد سُلَيمان اشرف صاحب منهنجي رهنمائي فرمائي ۽ مان هتي حاضر ٿيس، ائين ٿو معلوم ٿئي تہ توهان انهيءَ مسئلي کي ڪتاب ۾ ڏسي رهيا هئا. ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻو خوش ٿي واپس موٽيا، ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي شخصيت کان ايتري قدر مُتَاثِر ٿيا جو ڏاڙهي بہ رکيائون ۽ نماز ۽ روزي جا بہ پابند بڻجي ويا.( فيضان اعلي حضرت۵۵۰) **اللّٰہ**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي**.

جس نے دیکھا اُنہیں عقیدت سے قلب کی آنکھ سے محبت سے
مرحبا مرحبا پُکار اُٹّھا واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ والدِ محترم کان علمِ رياضي جا صِرف چار(4) قاعدا ئي سکيا هئا، پر ان چئن(4) قاعدن جي مدد ۽ پنهنجي شوق ِعلم سان پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ علم ِرياضي ۾ اهڙي ڪامل مهارت حاصل ڪئي جو وڏي وڏي ڊگرين وارو نامور رياضي دان بہ اوهان مان اهڙو مُتاثر ٿيو جو سندن جا گُڻ ڳائڻ لڳو ۽ چهري تي ڏاڙهي شريف سجائي نماز روزي جو عادي بڻجي ويو. ياد رهي! قابليت ۽ صلاحيت اللّٰہعَزَّوَجَلَّ هر هڪ کي عطا فرمائي آهي پر ڪو تہ پنهنجي انهن صلاحيتن کي فضول ڪمن، ابتن تجربن ۽ راند روند ۾ ضائع ڪري ڇڏيندو آهي، ڪو وَن وِيلنگ (One Wheeling) ڪري نالو ڪمائڻ چاهيندو آهي تہ ڪو مختلف شعبدا ڏيکاري ماڻهن کي متاثر ڪندو آهي ڪو اِنتهائي بلندي تان ٽپو ڏئي ڪري ريڪارڊ ٺاهيندو آهي. الغرض هر هڪ شهرت جي بُلندين کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن

www.dawateislami.net

بي فائده ڪمن ۾ دُنياوَ آخرت بربادڪندو نظر اچي رهيو آهي اهڙي ۾ ڪجهه ماڻهو پنهنجي جان جي بازي بہ هاري ويندا آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ماڻهوءَ جي اسلام جي خُوبين مان هڪ اها آهي تہ اهو ڪم ڇڏي ڏئي، جيڪو اُن کي نفعو نہ ڏئي.(سُنَنُ التِّرْمِذِي ج4 ص142 حديث 2324) جڏهن تہ اسان جا بزرگانِ دين هميشہ اهڙن فُضُول ڪمن کان پاسو ڪندا هئا، اُنهن تبليغ واشاعتِ علم جي لاءِ پنهنجي صلاحيتن جو صحيح استعمال ڪيو تہ ڪو مُفسر بڻيو تہ ڪو مُحدِّث، ڪو فقيہ بڻيو تہ ڪو طبيبِ حاذق(ماهر طبيب/Specialist) الغرض هر هڪ پنهنجي پنهنجي صلاحيتن ۽ علمي ڪاوشن جي سبب اڄ بہ لکين دلين تي راڄ ڪري رهيا آهن، اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت کي فُضُول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ جي بدران اَسلاف جي نقشِ قدم تي هلندي زندگي گذاريون.

## عرب عالمن جي فرمائش!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت،امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شخصيت اسان جي لاءِ مشعلِ راه آهي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عِلْمِ دِين سان مَحَبَّت ۽ ان جي اشاعت جي جذبي جي تحت انتهائي مَشقّت جي باوجود بہ اُمّتِ مسلمہ کي عِلْمِ دِين سان سيراب ڪيو، جيئن منقول آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن ٻئي ڀيري حج جي اِرادي سان عرب شريف ويا، جڏهن جهاز جي ذريعي جده پهتا تہ اوهان کي بخار تي ويو، تي ڏينهن جده ۾ بخار جي حالت ۾ گذريا، حج جي ڏينهن ۾ ڪجهه افاقو ٿيو پر حج کان فراغت کان پوءِ وري بخار تي ويو، (ملفوظات:١٨٣، بتغير) اهڙي حالت ۾ مڪي شريف جي سڀ کان وڏي عالمِ دين، سابق قاضي مڪہ حضرت مولانا صالح ڪمال رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه علمِ غيبِ مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪجهه سُوال پيش ڪيا ۽ چيائون تہ ان جو جواب گهرجي ٿو. باوجود اهو جو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عليل (يعني بيمار)

هئاءِ مسافر هئاءِ سفرِ حج ۽ مراحلِ حج طئي ڪرڻ جي سبب ٿڪاوٽ ڪان علاوه ٻيون ڪيئي مصروفيتون پڻ هيون پر اِرْشاد فرمايائون: قلم دوات ڪٽي اچو! مولانا صالح ڪمال رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ۽ مڪي جي ٻين وڏن عالم سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام چيو: اسان اهڙو فوري جواب نٿا چاهيون، بلڪ جواب نهايت جامع هجي جو منڪرينِ علمِ غيب جا ڏند کٽا ٿي وڃن. جنهن تي اهو طئي ٿيو ته سڀاڻي اڱارو آهي، پريهنئن اربع آهي، انهن ٻن ڏينهن ۾ ڪتاب مڪمل ڪري خميس جو علماءِ مڪه کي ملي ويندو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عنايت ۽ پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِعانت (يعني مدد) تي ڀروسو ڪري وعدو ڪري ورتو، شانِ الٰهي(عَزَّ وَجَلَّ) ڏسو جو ٻئي ڏينهن وري بُخار ٿي پيو، انهيءَ بخار جي حالت ۾ رسالو تصنيف ڪندو هئس ۽ حامد رضاخان صاف ۽ خوشخط ڪري لکندا ويندا هئا. (ملفوظات:۱۹۰، بتغیرقلیل) انهيءَ دوران ٻين مصروفيتن سان گڏ ڪيئي وڏا وڏا عالم ملاقات جي لاءِ ايندا هئا انهن سان علمي مُذاڪرات ٿياءِ نمازن جو وقفو، طبعي تقاضن تي مشتمل ٻيون مصروفيتون مطلب ته! ٻيا مشاغل جاري رهڻ جي باوجود ٻه ٻن ڏينهن ۾ ڪتاب جي تڪميل ٿي ۽ خميس جي صبح جو ڪتاب مَولانا شيخ صالح ڪمال رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تائين پهچايو ويو، ان ڪان پوءِ سڄي مڪي شريف ۾ هن ڪتاب جي شهرت ٿي وئي. (ملفوظات:ص۱۹۲،ملخصاً)

| | |
|---|---|
| اللہ اللہ تَبَحُّرِ علمی | اب بھی باقی ہے خدمتِ قلمی |
| اہلِ سُنّت کا ہے جو سرمایہ | واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی |

**شعر جي وضاحت** :يعني اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نهايت وُسعتِ علمي ته ڏسو جو دِينِ اسلام جي سربُلندي جي لاءِ اعليٰ حضرت جي قلم جون

خدمتون اجا تائين باقي آهن، اوهان جون اهي قلمي خدمتون (يعني ڪتاب) اهلِ سُنّت جو نهايت وڏو سرمايو آهن، جنهن جي هڪ ننڍي جهلڪ فتاويٰ رضويہ ڪي ڏسي ونو جو جنهن جو فيضان اجا بہ سڄي دُنيا ۾ جاري و ساري آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عِلمِ دِين سان عشق!

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي ڪثير مصروفيات، بيماري جي حالت ۽ ڪتابن جي عدم دستيابي جي باوجود نهايت فصيح عربي زبان ۾ صرف ٻن ڏينهن جي اندر ئي هڪ نادر ڪتاب تصنيف فرمائي ڇڏيو، هن عظيم ڪارنامي سان جتي اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي وسعتِ علمي ثابت ٿيندي آهي، اتي سندن علمِ دين جو شوق بہ ظاهر ٿئي ٿو، يقيناً ايتري قدر عظيم علمي ڪم اهو ايتري گهٽ وقت ۾ انهيءَ وقت ٿي سگهي ٿو جڏهن علمِ دين سان محبت ۽ ان جو شوق عشق جي حد تائين پهچي چڪو هجي. ياد رکو علمِ دين سکڻ جو شوق انهيءَ صورت ۾ پيدا ٿي سگهندو جو جڏهن اسان عالمن جي اهميت کي سمجهنداسين، انهن جي صحبت ۾ ويهنداسين، علمِ دين سکڻ سيکارڻ وارن کي سنو سمجهنداسين، پر افسوس صد افسوس اسان جي اڪثريت عِلْمِ دِين کان دُوري جي سبب فضول ڪمن ۾ پنهنجو وقت ضائع ڪري رهي آهي ،عِلْمِ دِين سکي ٻين کي سکارڻ تہ پري جي ڳالھ آهي اسان کي تہ اهي ضروري مسائل بہ سکڻ جي توفيق ناهي جن جو سکڻ اسان تي فرض آهي .

## فرض علوم ڪهڙا آهن؟

حَديثِ پاڪ ۾ آهي:طَلَبُ العِلۡمِ فَرِيۡضَةٌ عَلٰی کُلِّ مُسۡلِمٍ.يعني عِلم حاصل ڪرڻ هر

مُسَلمان مَرد(اهڙي طرح عَورت) تي (بہ) فَرْض آهي. (ابن ماجه، كتاب السنة، باب فضل العلماء والحث الخ،١٤٦/١، حديث٢٢٤)

شيخ طريقت، اَمِيرِاهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علاّمہ مَوْلانا ابُو بلال محمدالياس عطّارقادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ جي تَحْت منهنجا آقا اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسنّت، مَوْلاناشاه اِمام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيڪو ڪجھ فرمايو، اُن جو آسان لفظن ۾ مُخْتَصَراً خُلاصو عَرْض ڪرڻ جي ڪوشِش ڪيان ٿو. سڀ کان اَوّلين ۽ اَهم تَرين فَرْض اهو آهي تہ بُنيادي عَقائِد جو عِلم حاصِل ڪري، جنهن سان انسان صَحِيحُ العَقِيدَه سُنّي بڻجي ٿو، ۽ جنهن جي اِنڪار ۽ مُخالَفَت سان ڪافِر يا گُمراه ٿي ويندو آهي. ان کان پوءِ نماز جا مَسئلا يعني اِن جا فرض، شرط ۽ مُفسِدات(نماز ٽوڙڻ واريون شيون) سکي تہ جيئن نَماز صحيح طور تي اداڪري سگهي. پوءِ جَڏهن رَمَضانُ الْمُبارَڪ جي تَشْرِيف آوَري ٿئي تہ روزن بابت مَسائِل، مالِڪ نِصابِ نامي(يعني حقيقتاً يا حڪماً وڌڻ واري مال جي نِصاب جو مالڪ) ٿئي تہ زڪوٰة جا مَسائِل، صاحِبِ اِستِطاعَت هجي تہ مَسائِلِ حَج، نِڪاح ڪرڻ چاهي تہ ان جا ضَرُورِي مَسائِل، واپاري هجي تہ خريدوفَروخْت جا مَسائِل، هاري يعني ڪاشتڪار(۽ زميندار)تي ٻني ٻاري جا مسائل، مُلازِم بڻجڻ ۽ مُلازِم رکڻ واري تي اِجاري جا مَسائِل. وَعَلٰى هٰذَاالْقِياس(يعني ۽ انهي تي قِياس ڪندي) هر مُسلمان عاقِل ۽ بالِغ مرد ۽ عورت تي ان جي مَوجُودَه حالَت جي مُطابِق مَسئلا سکڻ فَرْضِ عين آهن. اِهڙي طرح هر هڪ جي لاءِ حَلال ۽ حَرام جا مسئلا بہ سکڻ فَرْض آهن. ۽ مَسائِلِ قَلْب (باطِني مسئلا) يعني فرائضِ قَلْبِيه (باطني فرض) مَثال طور عاجِزي

۾ اِخْلاص ۾ تَوڪل وغيرها ۾ ان ڪي حاصِل ڪرڻ جو طريقو ۾ باطِني گُناه مَثال طور تڪبُّر، رِياڪاري، حَسَد وغيرها ۾ ان جو عِلاج سکڻ هر مسلمان تي اَهم فرض مان آهي. (ڪفريه ڪلمات ڪے بارے ۾ سُوال جواب ،ص ٣٣٢)

## فرض علوم حاصل ڪيو!

افسوس!صد افسوس! اڄ مسلمانن جي اڪثريت فرض علوم سکڻ کان بہ غافل آهي، ياد رکو! اجا وَقْت آهي فرض عُلوم سکي وٺو، نہ تہ ساھ رڪندي ئي علم ِدين حاصل ڪرڻ جو اهو انمول موقعو بہ هٿان نڪري ويندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ اڄوڪي دؤر ۾ دعوتِ اسلامي اسان جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪرڻ نهايت ئي آسان ڪري ڇڏيو آهي. مدني مُنّن جي بهتر تعليم وتربيت جي لاءِ مدارسُ المدينہ ،دارُالمدينہ ۾ درسِ نظامي(عالم ڪورس ) ڪرڻ جي خواهشمنداسلامي ڀائرن ۾ اسلامي ڀينرن جي لاءِ جامعاتُ المدينہ قائم آهن. سُبْحَانَ اللهعَزَّوَجَلَّ! 100 سيڪڙو اسلامي چينل يعني"مدني چينل" هڪ اليڪٽرانڪ مبلغ جي حيثيت سان گهر گهر نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيو آهي، فيضانِ علمِ دين جا قيمتي موتي لُٽائي رهيو آهي، اُمّتِ مسلمہ کي دُرست دِيني معلومات ۾ شرعي رهنمائي فراهم ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن اميرِ اهلِ سُنّت جا مدني مذاڪرا تہ ڪڏهن دارالافتاء اهلسنّت جي طرفان اهم ترين موضوعن تي مشتمل سلسلا علمِ دين حاصل ڪرڻ جا بهترين موقعا آهن، ان جي علاوه مختلف شعبن سان تعلّق رکڻ وارن اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت ۾ انهن ۾ وڌيڪ قابليت پيدا ڪرڻ جي لاءِ مختلف ڪورسز بہ ڪرايا ويندا آهن. انهن ۾ 12 ڏينهن جو مدني ڪورس،41 ڏينهن جو مدني انعامات ۾ مدني قافلہ ڪورس ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس تہ نهايت ئي اَهميت جوڳا آهن. فرض عُلوم سکائڻ جي لاءِ ڪڏهن 63 ڏينهن جو "فيضانِ

فرض عُلوم ڪورس " جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي،جنهن ۾ دارالافتاء اهلسنّت جا مفتي سڳورا ۽ ٻيا عالم سڳورا (مدني اسلامي ڀاءُ) جدول جي مطابق اسلامي ڀائرن ڪي نهايت آسان انداز ۾ فرض عُلوم تي مشتمل مدني گلن سان نوازيندا آهن جيئن تہ هاڻي هر موبائل فون ۾ ميموري ڪارڊ(Memory Card) لڳائڻ جي سهولت موجود هوندي آهي لهٰذا دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ عِلْم حاصل ڪرڻ جي طلبگارن جي آساني جي لاءِ ان فرض عُلوم ڪورسز جي ويڊيوز ڪي ميموري ڪارڊز(Memory Cards) ۾ جاري ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن وڌ کان وڌ مسلمان فائدو کڻي سگهن، دعوتِ اسلامي جي تحت انهن ڪورسز ۾ جتي عِلْمِ دِين حاصل ڪرڻ جو جذبو بيدار ڪيو ويندو آهي اتي ڪافي حد تائين فرض عُلُوم جي معلومات بہ ڏني ويندي آهي.علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو هر مهيني عاشقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ بہ آهي . راه خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي ڇوتہ مَدَني قافلن جي برڪت سان نہ صرف پنج وَقْت نمازِ باجماعت جي سعادت نصيب ٿيندي آهي بلڪ پياري آقا ،حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنّتون سکڻ ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ ملندو آهي ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ علم حاصل ڪرڻ جي انهن ذريعن مان فائدو کڻون ۽ پنهنجي آخرت کي بهتربڻايون ۽ گهڻيون برڪتون ماڻيون. اچو! ترغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## شرابيءَ جي توبہ

چُنانچِہ مَهاراشٽر (هند) جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو لُبِّ لُباب آهي: دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستگي کان پهريان مان مرَضِ عِصيان (يعني

گناهن جي بيماري) ۾ تمام گهڻو مبتلا تي چڪو هئس. سڄو ڏينهن مزدوري ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪا رقم حاصل ٿيندي هئي رات جو ان مان مَعاذَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شراب وٺي خوب عَياشي ڪندو هئس، شور شرابو، گار گند ۽ والِدَين ۽ پاڙي وارن کي خُوب تنگ ڪندو هئس ان کان علاوه مان وڏو جُواري ۽ بدترين بي نَمازي به هئس. انهيءَ غفلت ۾ منهنجي زندگي جا قيمتي ڏينهن ضائع ٿي رهيا هئا، آخِرڪار منهنجي مُقدَّر جو تارو چمڪيو. ٿيو ائين جو خوش قسمتي سان منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ سان ٿي. اُنهن اِنفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مَدَني قافلي ۾ سُنّتن ڀري سَفَر جي ترغيب ڏياري، ان جي مٺن ٻولن ڪجهه اهڙو رنگ ڏيکاريو جو آئون انڪار نه ڪري سگهيس ۽ مان هٿو هٿ 3 ڏينهن جي مَدَني قافِلي جو مسافِر بڻجي ويس.مَدَني قافِلي ۾ عاشِقانِ رسول جي صُحبت ملي ۽ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جا شايع ٿيل رسالا به پڙهڻ جي لاءِ مليا، جنهن جي اها بَرَڪت حاصل ٿي جو مون جهڙو پڪو بي نَمازي، شرابي ۽ جُواري توبہ ڪري نه رڳو نَماز پڙهڻ وارو بڻجي ويو بلڪ صداءِ مدينہ لڳائڻ (يعني فجر جي نَماز جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ) ۽ ٻين کي مَدَني قافِلن جو مسافِر بنائڻ وارو بڻجي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## صرف هڪ مهيني ۾ حِفظ قرآن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به هر مهيني عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر جو معمول بنائڻ گهرجي. مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان جتي نيڪ عمل جي طرف رغبت ملندي آهي اتي عِلْمِ دِين سکڻ جو موقعو به ملندو آهي، جيڪڏهن اسان کي علم سکڻ جو شوق ۽ سچي لڳن هوندي ته

تمام مصروفيتن ۽ مشڪلاتن جي باوجود بہ اسان وقت ڪڍڻ ۾ڪامياب ٿي ويندا سين.جنابِ سيد ايوب علي صاحِب رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اعلي حضرت جي شوقِ حفظ قرآن جو واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا : هڪ ڏينهن اعليٰ حضرترَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ارشادفرمايو تہ بعض ناواقِف حَضرات منهنجي نالي جي اڳيان حافِظ لکي ڇڏيندا آهن، جڏهن تہ مان ان لقب جو اَهل نہ آهيان. سيدايوب علي صاحب رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهيءَ ڏينهن کان دَوْر شُروع ڪري ڇڏيو. جنهن جو وقت غالباً عشاء جو وضو ڪرڻ کان پوءِ جماعت قائم ٿيڻ تائين خاص هو، روزانو هڪ سيپارو ياد ڪندا هئا، ايستائين جو ٽيهين ڏينهن ٽيهون سيپارو ياد ڪري ورتو، هڪ موقعي تي فرمايائون تہ مون ڪلامِ پاڪ بِالتَّرتيب ڪوشِش سان ياد ڪيو آهي ۽ اهو ان ڪري جو انهن بندگانِ خُدا جو (جيڪي منهنجي نالي جي اڳيان حافِظ لکندا آهن) چوڻ غَلَط ثابِت نہ ٿئي.

(حياتِ اعليٰ حضرت ج ١ ص ٢٠٨،بتغيرقليل)

علم و عِرفاں کا جو کہ ساگَر تھا خیر سے حافِظہ قَوی تر تھا
حق پہ مَبنی تھا جس کا ہر فتوٰی واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي اهو معلوم ٿيو تہ امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪي تقويٰ ۽ خوفِ خدا جي سبب اها ڳالھ هرگز پسند نہ هئي تہ مون ڪي ماڻهو ان وصف سان سڏين جيڪا منهنجي ذات ۾ موجود ناهي اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ عِلْمِ دِين جي سرچشمي يعني قرآنِ پاڪ سان بيحد مَحَبَّت ڪندا هئا جڏهن تہ صرف هڪ مهيني جي ٿوري وقت ۾ سڄو قرآنِ پاڪ حفظ ڪري ورتو. جڏهن تہ اسان جي حالت هي آهي جو قرآنِ پاڪ جي تلاوت نٺا ڪيون ۽ ڪن ڪي تہ اها سعادت صرف رمضانُ المبارڪ

۾ ئي نصيب ٿيندي آهي. هينئر رمضان المبارڪ جو مهينو گذريو جنهن ۾ اسان پنج ئي نمازون مسجد ۾ ادا ڪيون هونديون، ۽ ٻين نيڪ عملن سان گڏ تلاوتِ قرآن جو بہ معمول رهيو هوندو جيڪڏهن اسان سڄو سال ئي تلاوتِ قرآن جي عادت ٺاهي وٺون، تلاوت سان گڏ ترجمو ۽ تفسير خزائن العرفان/ نورالعرفان/ صِرَاطُ الْجِنَان پڙهي غورو فڪر ڪيون ۽ عمل جي لاءِ ڪوشش بہ ڪندا رهون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڄو سال ئي ان جي برڪتن سان فيضياب ٿيندا رهنداسين، دل ۽ دماغ کي سڪون ملندو، گهر دُڪان ۽ ڪاروبار ۾ برڪتن جو نزول ٿيندو، رحمتن جا در کلندا، بيمارين کان نجات ملندي، مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان ڇوٽڪارو ملڻ سان گڏوگڏ قبر و آخرت جا معاملا آسان ٿيندا ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو جو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ٿيندي.

## عِلمِ حديث ۾ مهارت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت ،امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي جهڙي طرح قرآنِ پاڪ سان بي اِنتها مَحَبَّت هئي اهڙي طرح حديثِ رسول سان بہ سندن کي بي حد لڳاؤ هو. جيئن هڪ ڀيري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان سوال ڪيو ويو تہ اوهان حديث شريف جا ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آهن؟ تہ امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بخاري، مسلم، ترمذي ، ابنِ ماجہ، نَسائي، مِشڪوٰة، جامع صغير، جامع ڪبير، مُسندِ امامِ اعظم، مُسندِ امام شافعي، مُسندِ امام احمد، سُنَنِ دارِمي سميت حديث شريف جي تقريباً ٽيهہ (30) ڪتابن جا نالا ارشاد فرمايا ۽ آخر ۾ ارشاد فرمايائون تہ پنجاهہ (50) کان وڌيڪ حديث جا ڪتاب منهنجي درس و تدريس ۽ مطالعي ۾ رهيا آهن. (اظهار الحق الجلي:۴۰، بتغير)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو حال تہ هي آهي جو اسان کي حديث جا

ڪتاب ته پري جي ڳالهه مُطلقاً ٽيهه (30) ديني ڪتابن جا نالا به ياد نه هوندا جڏهن ته اسان جي امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عِلْمِ دِين جي شوق جو عالَم هي آهي جو صرف فنِ حديث ۾ ئي پنجاهه (50) کان وڌيڪ ڪتاب سندن درس و تدريس ۽ مُطالعي ۾ شامل رهيا آهن ۽ ائين ناهي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فقط مُطالَعي ۾ئي مشغول رهندا هئا بلڪ ٻيون ڪيئي مصروفيتون مثال طور سڄي دُنيا کان آيل اسْتفتاء جا جواب ڏيڻ، خطن جا جواب موڪلڻ، مهمانن ۽ مُسافرن سان مُلاقات ڪرڻ، راه حق کان ٻٽڪيل ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ، تصنيف و تاليف ڪرڻ اوهان جي زندگي جو حصّو هو. يقيناً اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص فضل ۽ ڪرم ئي آهي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪم و بيش پنجاهه (50) کان وڌيڪ عُلُوم و فُنُون ۾ ڪامل مهارت حاصل هئي ، ڇهه هزار اٺ سو ستيتاليهه (6847) سُوالن ۽ جوابن ۽ ٻه سو ڇهه(206) رسالن سان مُزَّين ٽيهه (30) جلدن تي مُشتمل ايڪويهه هزار ڇهه سو ڇاونجاهه (21,656) صفحن تي مُشْتَمِل فتاويٰ رضويه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ذَوقِ علمي۽خدمتِ دين جو سڀ کان وڏو دليل آهي. الله عَزَّ وَجَلَّ اوهان جي تمام ديني خدمتن کي قبول فرمائي ۽ اوهان جي مزارِ پُر انوار تي رحمت ۽ رضوان جو مينهن وسائي ۽ اسان کي اوهان جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله الله تَبَحُّرِ علمی — اب بھی باقی ہے خدمتِ قلمی
اہلِ سُنّت کا ہے جو سرمایہ — واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان اعليٰ حضرت،امام اهلسنت مولانا شاه احمد رضا خانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عِلْمِ دِين جي شوق جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

- ❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ننڍپڻ کان ئي حُصولِ علمِ دِين ۽ مُطالعي جا شوقين هئا، دِيني ڪتابن سان حد درجہ مَحَبَّت ۽ دُنيوي و دِيني عُلُوم و فُنُون ۾ ڪامل مَهارت رکندڙ هئا.
- ❖ پنهنجي استادن جا منظورِ نظر ۽ زَبردَسْت قُوّتِ حافظي وارا هئا.
- ❖ اوهان جي مطالعي جو شوق ۽ ذهانت جو هي عالَم هو جو چوٿائي(1/4) ڪتاب اُستاد کان پڙهڻ کان پوءِ باقي تمام ڪتاب جو پاڻ مُطالَعو ڪندا هئا ۽ ياد ڪري ٻڌائيندا هئا.
- ❖ علالت(بيماري) جي باوجودعلماءِ عرب جي فرمائش تي صرف2 ڏينهن ۾ علمِ غيب جي موضوع تي عربي زبان ۾ عظيم الشّان ڪتاب تصنيف فرمائي.
- ❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪلامِ پاڪ بِالتَّرتيب ڪوشِش سان ياد ڪيو آهي ۽ اهو ان ڪري جو انهن بندگانِ خُدا جو (جيڪي منهنجي نالي جي اڳيان حافِظ لکندا آهن) چوڻ غَلَط ثابِت نہ ٿئي.
- ❖ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي کم و بيش پنجاه (50) کان وڌيڪ عُلُوم و فُنُون ۾ ڪامل مهارت حاصل هئي ، ڇهه هزار اٺ سو سٺيتاليهه (6847) سُوالن ۽ جوابن ۽ ٻہ سو ڇهہ(206) رسالن سان مُزَّين ٽيهه (30) جلدن تي مُشتمل ايڪويهه هزار ڇهه سو ڇاونجاهه (21,656) صفحن تي مُشْتَمِل فتاويٰ رضويہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ذُوقِ علمي ۽

www.dawateislami.net

خدمتِ دين جو سڀ کان وڏو دليل آهي.

اللهعَزَّ وَجَلَّ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صدقي اسان کي به علم دين جو شوق ۽ ديني ڪتابن جو ذوق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سِينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عِمامي شريف جون سنّتون ۽ آداب

اچو!شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163 مدني گل مان عمامو ٻڌڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌو ٿا: پهريان ٻه فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحظ فرمايو: ❁ عمامي سان گڏ نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي. -(فردوس الاخبار،باب الصاد،ذکر الفصول ...الخ،٢/ ٣١ ،حديث: ٣٦٢١) ❁ عمامي سان گڏ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر عمامن جي برابر آهي. -(ابنِ عساکر،ذکر من

1 … مشکاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

اسمه عبدان،عبدان بن زرّين ...الخ،۳۵۵/۳۷) ❁ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري ٻيهي ٻڌو. (°شُفُ الاِلتِبَاسِ فِي اسْتِحْبَابِ اللِّبَاسِ ص۳۸) ❁ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي.(فتاويٰ رضويہ،۱۸۶/۲۲) ❁ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي. (فتاويٰ رضويہ، ۷/ ۲۹۹) ❁ عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو .(فتاويٰ هندية،۳۳۰/۵) ❁ عِمامي جو طِبّي فائده اهو آهي جو مٿي اگهاڙي رهڻ وارن جي وارن تي سَردي گرمي ۽ اُس وغيره براہ راست اثر انداز ٿيندي آهي هن سان نہ صِرف وار بلڪ دِماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صِحّت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، ان ڪري سنّت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيت آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جَذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَرْدِگار
سُنتّوں کی تربیَّت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيهِ رَحمَة اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

1 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاۃ الثانية والخمسون،ص149

3 ...القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،10/254،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴١۵

www.dawateislami.net